

( گل - ٢٦ )

## ٻاهرين اُپاسنا ۽ سچي اُپاسنا اهت سان آپننتا

ستگورن جي چرنن ڌوئڻ لاءِ، آکين جو پاڻي ڪيي، سچي پريم روُپي چندن لڳائڻ ڪيي، وسترن ڀرائڻ بدران دريا ۽ پڪو وشواس ڪيي ۽ ساتوڪ ڀاءُ ۽ ايڪاگر چت روُپ ڦل ارپڻ ڪرڻ ڪپن. شرڌا ۽ ڀاوَ روپي چنور ستگورن مٿان جهولائي، چرنن تي مٿو رکي، پرارٿنا ڪرڻ گهرجي ته ”هي انترجامي ستگورو! منهنجي ٻاهرين ورتيءَ کي ڦيري انتر مکي ورتي بڻايو، ستيه ۽ استيه جو وويڪ بخشيو، سنساري پدارٿن جو چاهه ۽ موهه دوُر ڪري، آتم آنيوُتي ڪرايو. منهنجن نيترن، شرير ۽ من کي اوهين پنهنجي اِڇا موجب هلائيندا رهو ته منهنجو چنچل من، اوهان جي سيتل چرنن جي ڇايا ۾ وشرام پائي.“ مٿين آهي ستگورن جي سچي اُپاسنا، جنهن تي ئي ستگور راضي ٿيندو.

ٻنهي ٽالي هڪ شخص، ٻئي ڪنهن ستگوروءَ جو شش هو، جؤ ڀاڳن ڪلنا ڪري، او چتو شرڌيءَ ۾ اچي اچي نڪتو. ريل ۾ مسافري ڪندي، ڪيس ڪي مترو ۽

سبنڌي ياتري اچي گڏيا، جي شرڌيءَ ڏانهن وڃي رهيا هئا ۽ پڇت کي آچ کيائون ته تون به اسان سان هلي سائين بابا جو درشن ڪر. هو اُنهن جي آچ جو اِنڪار نہ ڪري سگهيو ۽ چيائين تہ مان ”ورار“ ۾ لهي پنهنجي ستگوروءَ کان آگيا وٺي، واٽ لاءِ خرچ ڪٺي، اوهان سان بمبئيءَ ۾ اچي ملندس. اوهين مون لاءِ ترسجو. ڪيس خواب خيال بہ ڪين هو تہ مان شرڌيءَ ويندس پر ”ميري من ڪڇ اوُر هيءِ، وڌاتا ڪي مــن ڪڇ اوُر“ واري ڪهاوت ڪيس ڇــڪي شرڌيءَ وٺي ويئي.

سڀ بمبئي مان گڏجي نڪتا، صبح جو شرڌيءَ ۾ ۽ يارهين بجي مسجد ۾ پهتا، جتي ڀڳتن جي پوُجا آرتي وغيره ڏسي خوش ٿيا، ليڪن هي نئون آيل پڇت، مُورڇا تي ڪري پيو! ساڻس گڏ آيل ياتري، سڀ اچي ٻنا ۽ هن جي مُورڇا لاهڻ لاءِ ڊڪ ڊوڙ پائڻ لڳا. باباجن جي چوڻ تي، سندس منهن تي پاڻي ڇنڪاريو ويو تہ پڇت سرجيت ٿيو ۽ اِئين اُٿي ويٺو، جڻ ڪو ننڊ مان سجاڳ ٿيندو آهي. اَنترجامي باباجن ڪيس اُپديش ڏنو تہ ”جنهن گوروُ يا اِشٽ ۾ هن جو وشواس هجي، اُنهي کي هڪ ٿنيو سمجهي پڪو پاڪر پائي بيهڻ کپي ۽ هن سان ”اُپنتا“ ڪر، يعني ملي هڪ ٿي وڃ.“ اِهي شبد ٻڌي، پڇت کي پنهنجي ستگوروءَ



جي يادگيري آئي ۽ وقت ٻه وقت سائين بابا جي آسيس وٺڻ لاءِ شرڊيءَ ۾ پيو ايندو هو.

## هڪ گرهستيءَ تي ديا درشتي ڪرڻ

هرشچندر پتلي نالي هڪ گرهستيءَ جي پٽ کي مرگهيءَ جو مرض اچي لڳو. هن ديشي ۽ ودیشي دوائون ڪيون پر فائدو ڪين پيو. ۱۹۱۰ ۾ هن ڀڳت داس گڻوءَ جو ڪيرتن ٻڌو، جنهن ۾ هن سائين بابا جون ليلائون ٻڌايون ته ڪئين نه ڪيترن ڏکي دردوندن کي، باباجن جي صرف هٿ لائڻ لاءِ شفا ملي چڪي آهي. هرشچندر جي دل ۾ سڌ سرڪي، ته اهڙي ڪرامت واري سنت جي آسيس سان، پنهنجي پٽ جو روڳ دور ڪريان. سو قلن جي نوڪري وٺي، پنهنجي استري ۽ روڳي ٻار وٺي، سائين بابا جي چرنن تي سيس اچي پيا. باباجن جي نظر پوڻ شرط، سندس پٽ بي هوش ۽ بي سڌ ٿي ڌرتيءَ تي ليٽي پيو، سندس وات مان جهاڳ وهڻ لڳي، اکيون ڦري ويس ۽ بدن مان پگهر وهڻ لڳس ۽ ائين پئي لڳو ڄڻ ته سندس پراڻ نڪرڻ وارا آهن. پٽ جو اهو حال ڏسي، ماتا پتا نراسائيءَ وچان گهبرائجي ويا. جيتوڻيڪ هو انهيءَ نظاري تي هريل هئا پر اڄ جڏهن مورڇا واري حالت گهڻو وقت هلي ته سندن اکين مان جل وهڻ لڳو ۽

ورلاپ ڪرڻ لڳا ته ”اسين جيڪا آشا رکي آياسون، اها بدلجي نراشا ٿي پيئي. اسين سائين بابا شير جي شرڻ ۾ آياسين. ليڪن هي ته موت جو لقمو ٿيڻ وارو آهي. اسين مسجد جي ڇاپا ۾ وسوام وٺڻ آياسين پر اسان جو پٽ اسان کان موڪلائي ٿو وڃي وغيره وغيره.“ ساري سنگت جي پڻ ماتا پتا سان همدردي ڏسي، باباجن چيو ته ”اوهين ڌيرج ڌريو. پٽ کي پنهنجي جاءِ تي وٺي وڃو. اڌ ڪلاڪ ڪانپوءِ، هيءَ سرت ۾ هوش ۾ ايندو. خاطري ڪريو.“ باباجن جي مکاورند مان اهي لفظ ٻڌي، کين ڌيرج آيو ۽ آگيا موجب ڇوڪري کي جاءِ تي وٺي ويا. اتي پهچڻ شرط باباجن جا وچن سچا ٿيا ۽ ڇوڪرو هوش ۾ اچي سيپي ڏانهن نهارڻ ۾ مشغول لڳو!! سندس ماءُ پيءُ خوشيءَ ۾ اچي نچڻ لڳا ۽ يڪدم مسجد ۾ اچي باباجن جا چرن دٻائڻ لڳا. باباجن چيو ته ”هاڻي اوهانجون شڪائون دور ٿيون نه؟ جيڪي وشواس ڌيرج ڌاريندا، هوي انهن جي رکيا ڪندو رهندو.“

”ايشي ڪرپال گسائيان، لشي سوگ سنتاپ
تني واءُ نه لڳئي ستگور رکي آپ.“
(گوڙواڻي)

شري پتلي هڪ شاهوڪار شخص هو، تنهن ڪڙي هن پٽ جي نيڪ ٿيڻ جي خوشيءَ ۾ وڏي دل سان

منائي ۽ ميوا خوب ورهايا. سندس استري وري اهڙي ساتوڪ ورتيءَ واري هئي، جو هڪ هند ويهي، سارو وقت باباجن جي اکين ۾ پنهنجون اکيون لڳائي ويٺي هئي ۽ سندس اکين مان آنسوُن پيا وهندا هئا. سندس سرل ۽ مڌر سڀاءَ ڏسي، باباجن مٿس راضي ٿيا.

## ٻه روپيا ۽ ٽي روپيا

ڪجهه وقت رهي جڏهن شرڌيءَ مان رواني ٿيڻ جي موڪل وٺڻ آيا ته باباجن ٻهي کي "اُدي" پرساد ڏيئي آسيس ڪري چيو ته "بابو، پهرين مون اوهان کي ٻه روپيا ڏنا هئا پر هينئر ٽي روپيا ٿو ڏيان. اُنهن جي هر روز پوڄا ڪندا رهندا ته اوهانجو ڪلياڻ ٿيندو." پتلي ساشٽانگ پرڻام ڪري نمسڪار ڪيو. دل ۾ چيائين ته "مان هتي پهريون ٽي دفعو آيو آهيان پوءِ باباجن چيو ته مون اوهان کي پهرين ٻه روپيا ڏنا هئا، تنهنجي معنيٰ ڇا؟" پر باباجن چپ رهيا ۽ هي موڪلائي بمبئي ۾ موٽي آيو.

گهر اچي شرڌيءَ جي ياترا جي ساري وارتا پنهنجي ٻڍي ماتا کي ٻڌائين، جنهن ۾ ٻن روپين جو ذڪر پڻ ڪيائين. سندس ماءُ کي پڻ اول سمجهه ۾ ڪين آيو ته ٻه روپيا ڪڏهن ۽ ڪٿي باباجن ڏنا هئا پر پوءِ

اُن تي ويچار ڪندي، پت کــي چيائين تہ ”جڏهن تون پنهنجي پت کي وٺي سائين جن وٽ ويو هئين، تڏهن تنهنجو پتا پڻ، ڪيترا سال اڳي اَڪلڪوٽڪر مهراج جي درشن لاءِ ويو هو، جو پورڻ سڌ پرش، يوڳي ۽ ترڪال درشي مهاتما هــو. تنهنجي پتا جي پوڄا تي راضي ٿي، اَڪلڪوٽڪر مهراج کيس ٻہ روپيا ڏنــا هئا، جن جي هو حياتيءَ ڀــر پوڄا ڪندو هو. سندس مرتيوءَ بعد، ٻن روپين جي پوڄا ڪڏهن ٿيندي هئي تہ ڪڏهن نہ، ۽ ٿوري وقت بعد اسان کي پوڄا ڪرڻ ئــي وسري وئي، جنهن ڪري ٻہ روپيا پــڻ هيٺ مٿي ٿي ويا. تون ڀاڳيہ شالي آهين، جو مهاراج اَڪلڪوٽڪر، سائين بابا جي جي روپ ۾ توکي اُنهن ٻــن روپين جــي پوڄا ڪري پنهنجي فــرض پالــڻ جي يادگيري ڏياري، ايندڙ آپدائن کي ٽارڻ جو رستو ٻڌايو آهي. هن کانپوءِ بلڪل خبرداريءَ سان، پنهنجي پتا وانگي پوڄا ڪندو رهہ، جنهن ۾ ئي تنهنجي ڀلائي سمايل آهي. پرماتما سان مليل مهاپرش، ســڀ هڪ روپ آهن. ساڳي طرح گورو ۽ گوبند پڻ پاڻ ۾ مليل آهن.

## آتم هتيا ڪرڻ کان بچائڻ

شري گوپال نارائڻ امباڊيڪر، ٿاڻي ضلع ۾ جڙهر سٽيٽ جو ڏهن سالن کان آبڪاري آفيسر هو. رٽائر

ڪرڻ کان پوءِ هن ٻيءَ نوڪريءَ جي تلاش ڪئي ۽ ڪانه مليس. بدقسميءَ ڪري مصيبتن اچي ورايس، جو جيڪي ٻه پئسا هٿس سي خلاص ٿي ويس. هو هر سال باباجن جو درشن ڪرڻ ويندو هو ۽ سندن اڳيان پنهنجي دين ۽ دکي حالت جو بيان پيش ڪري ايندو هو. ستن سالن گذرڻ بعد، هو اهڙو ته دل شڪستو ٿي پيو جو ١٩١٦ ۾ آتم هتيا ڪرڻ جي خيال کان، پنهنجي استريءَ سميت شرڊيءَ ۾ ٻه مهنا ”دڪشت واڙي“ ۾ اچي رهيو. هڪ رات جو خيال ڪيائين ته اج واڙي جي سامهون جيڪو کوھ آهي، اُن ۾ ٽپو ڏئي آپگهات ڪندس.

هيڏانهن باباجن به سندس رٿيا ڪرڻ جو فيصلو ڪري، واڙي جي ويجهو هڪ ٻوجن آلي جي مالڪ کي پريرڻا ڪئي، جنهن نيڪ اُن وقت ڪيس سڏي ڪري چيو ته ”توهين هيءَ شري اَڪلڪوٽڪر مهراج جي جيوني پڙهي ڏسو، ڏاڍي سٺي آتو.“ جيونيءَ جو پستڪ وٺي پڙهڻ شروع ڪيائين ۽ اُن ۾ مگن ٿي ويو. هڪ اَڌياءَ ۾ احوال پڙهيائين ته شري اَڪلڪوٽڪر مهراج جي جيون ڪال ۾، هڪ شخص هو، جنهن کي بيماريءَ ڏاڍو اچي تنگ ڪيو. جڏهن سُور سندس سهڻ کان ٻاهر ٿي پيو، تڏهن هڪ رات کُوھ ۾ وڃي ٽپو ڏنائين ته مهاراج اَڪلڪوٽ اُتي پرگهٽ ٿي، هن

کي ڪوُهه مان ٻاهر ڪڍي چيو تہ ”اڙي ڀائي، توکي ڀهنجن شڀ ۽ اَشڀ ڪرمن جو ڦل ضرور ڀوڳڻو پوندو جيسين تہ اهي ڦل ڀوڳي پورا نہ ڪيا آهن تيسين لوکي وري وري جنم وٺڻا پوندا. تنهن ڪري بهتر آهي تہ اِهي دک سهي، اڳين ڪرمن جا ڦل سماپت ڪر تہ ڀوءِ هميشه لاءِ مُڪت ٿي ويندين“ اِها ڪٿا پڙهي، شري گوپال جا ڪپاٽ کلي پيا ۽ آتم هتيا جو خيال صفا لهي ويس. باباڄن ۾ هيئنر سندس شرڌا وڌي ۽ ڀرم ڀڳت ٻڌجي پيو. سندس قسمت پڻ ڦيرو کاڌو ۽ جوتش شاسترن جو اڀياس ڪري اهڙو تہ هوشيار ٿيو ۽ اهڙو تہ واڌارو ڪمائين، جو گهر ويٺي ماڻهو اچي، جوتش صلاحون وٺي ڪيس ايترو تہ ڌن ڏيئي ويا، جو باقي حياتي تمام سکي گذاريائين.

”شيوڪ ڪڏهن نڪٽي هوءِ دکاويءِ
ٻهه ٻهه ڪاج پرت شيوڪ ڪي،
تهان تهان آت ڌاويءِ“
(گور واڻي)